# 5. ”سج“

ليکراج عزيز (1897-1970ع) سنڌي شاعرن ۾ معتبر درجو رکي ٿو. هو سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ عربي ۽ فارسي ٻولين جو بہ ماهر هو. هو شاعريءَ جو فن اُستاد ڪري ميڃيو وڃي ٿو. هن جي رچنائن ۾ ’شاعراتي شمع‘، ’گلزار عزيز‘، ’آبشار‘ ۽ ’صراحي‘ (ڪوتا سنگرهہ) ۽ ’ادبي آئينو‘ (مضمون سنگرهہ) هن ڪوتا ۾ سج جي قوت سمجهايل آهي.

واه پيارا! شمس سونهارا،
چمڪن توکان چنڊ ۽ تارا.

ڏينهن جو تنهنجي آءِ حڪومت،
توکان ڀڄي ٿي رات جي ظلمت.

اُس ۾ تنهنجي پوک پچي ٿي،
بک کان دنيا ساري بچي ٿي.

ڏينهن جي دنيا روشن توکان،
لاهين اونده ساري جڳ تان.

برف پگهاري آب ڪرين ٿو،
پاڻيءَ سان جهر جهنگ پرين ٿو.

**نوان لفظ :**

آب = پاڻي — ظلمت = قهر — شمس = سج — حڪومت = راڄ

## اَڀياس

**سوال ۱ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-**


۱) رات جي ظلمت ڪيئن ٿي ختم ٿئي؟
۲) دنيا جي بکہ ڪيئن ٿي دور ٿئي؟
۳) جڳ جي اونده جو وناش ڪيئن ٿئي ٿو؟
۴) جهر جهنگ ۾ پاڻي ڪيئن ٿو پرجي؟

**سوال ۲ - هيٺين سوالن جا جواب پنج ڇهہ جملن ۾ لکو :**

۱) ليکراج ’عزيز‘ پنهنجي ڪوتا ۾ ’سج‘ جي ڪهڙي اهميت آهي؟

# پورڪ اَڀياس

I) ڏنل مثال موجب گول ڀريو :-





II) بيت ۾ دُهرايل لفظ لکو :-

١) ..................

٢) ..................

٣) ..................

III) ’سج‘ لفظ لاءِ ٻيا لفظ لکو :-



IV) هيٺ ڏنل گفتگوُ پنهنجن لفظن ۾ پوري ڪريو :-

اجيہ : يار وجيہ! ڏينهن آهي شينهن.

وجيہ : پر مونکي تہ رات وڻندي آهي.

اجيہ : ................................

وجيہ : ................................

V) ’شهرن جا بدلجندڙ نظارا‘ اِن وشيہ تي مضمون لکو :-

C9H6U9